# کاڌي جون پنج سُنتون

سنڌي




شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفڪر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: ڪاڏي جون پنج سنتون

ڇاپو پهريون: ربيع الغوث 1443ھ ڊسمبر 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بـانيءِ دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

**جي ڪتاب "فيضانِ سنت (جلد اول)" مان ورتل رسالو**

# ڪاڏي جون پنج سُنتون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

كاڌي جون پنج سُنتون ........ 1
دعاءِعطار: ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
ويھڻ جي ھڪ سنت ........ 1
گوڏا ايا ڪري ڪائڻ جا فائدا ........ 2
ڪاڌوءِ پردي ۾ پردو ........ 2
ٽيبل ڪرسي تي ڪائڻ ........ 3
شادي خانہ بربادي ءَ جا سبب ........ 4
ھُو دعوت اسلاميءَ ۾ ڪيئن آيو؟ ........ 5
سادي لباس جي فضيلت ........ 7
فيشن پرستو! خبردار!! ........ 7
شھرت جو لباس ڇا کي چوندا آھن؟ ........ 8
ٽپ ٽاپ رھڻ وارن ........ 9
لاءِ لمحءِ فڪريہ ........ 9
ڇِتيون لڳل لباس جي فضيلت ........ 9
بيھي ڪري ڪائڻ ڪيئن آھي؟ ........ 9
بيھي ڪري ڪائڻ جا طبي نقصان ........ 10
ساڄي ھٿ سانڪائوپيئو ........ 10
شيطان جو طريقو.. ........ 10

ساڄي هٿ سان ئي ڏيو ۽ وٺو ........................ 10
هر ڪم ۾ ڪاٻو هٿ ڇو ؟ ........................ 11
تنهنجو ساڄو هٿ ڪڏهن نہ ڪڄي! ........................ 11
تنهنجو چهرو بگڙي وڃي ........................ 12
يا الله! صباحيءَ ڪي انڌو ڪري ڇڏ ........................ 13
صاحب مزار جي انفرادي ڪوشش ........................ 14
خواب جي ذريعي گهوڙيءَ جو تحفو ........................ 16
رڳو پنهنجي پاسي کان کائو ........................ 17
وچ مان نہ کائو ........................ 17
توهان کٿي وچ مان تہ ........................ 18
ڪاڏو نہ کائيندا آهيو! ........................ 18
ٻين کي شرمندگي کان بچايو ........................ 18
وچ ۾ برڪت جي وضاحت ........................ 19
ڪاڏي جون پنج سنتون ........................ 19
پوائتن خوابن کان ڇوٽڪارو ........................ 20

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# كاڌي جون پنج سُنتون

## دعاءِ عطار:

ياربّ المصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو ”ڪاڌي جون پنج سنتون“ پڙهي يا ٻُڌي وٺي، اُن کي ڪائڻ، پيئڻ، سمهڻ، جاڳڻ وغيره هر ڪم سنت جي مطابق ڪرڻ جي توفيق ڏي ۽ اُن کي مرندي وقت پنهنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب فرمائي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو شخص صبح ۽ شام مون تي ڏهه ڏهه ڀيرا درود شريف پڙهندو منهنجي شفاعت ان کي پهچي رهندي. مون تي سَوَ ڀيرا دُرود پاڪ پڙهيو تہ الله پاڪ ان جي ٻِنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي مُنَافَقت ۽ جهنّم جي باهہ کان آزاد آهي ۽ کيس قِيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.

(الترغيب والترهيب، 261/1، حديث: 29)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ويهڻ جي هڪ سنت

(1) ڪاڌو ڪائڻ جي لاءِ ويهڻ جي هڪ سنّت هي آهي تہ ساڄو گوڏو اُڀو ڪريو ۽ کابو پير وڇائي ان تي ويهي رهو، جڏهن تہ هڪ ٻي بہ ويهڻ جي سنّت آهي، جيئن تہ حضرت سيّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مون

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي چوھارا کائيندي ڏنو ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمزمين سان لڳي ڪري اھڙي طرح وينا ھئا جو سندن ٻئي گوڏا مبارڪ اُڀا ھئا. (صحيح مسلم ص 1130 حديث 2044)

## گوڏا اڀا ڪري کائڻ جا فائدا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ٻئي گوڏا اڀا ڪري زمين تي ويھي ڪري کائڻ سان ضرورت جيترو ئي کاڌو معدي ۾ ويندو آھي، جنھن جي سبب بيمارين کان حفاظت ٿيندي آھي، ھڪ گوڏو اڀو ڪري ۽ ٻيو وڇائي ڪري کائڻ جي برڪت سان ترِيءَ جي بيمارين کان بچاءُ ٿيندو آھي ۽ رانن جا پنا (پنڊڻ) مضبوط ٿيندا آھن چون ٿا، پلٿي ھڻي کائڻ جي عاديءَ جي ٿولھ وڌندي ۽ پيٽ نڪري ايندو آھي، گڏوگڏ پلٿي ھڻي کائڻ سان قولنج (يعني وڏي آنڊي جو سور) ٿي وڃڻ جو خطرو رھندو آھي، ھڪ شخص جو چوڻ آھي ”مون ھڪ انگريز کي ڏٺو تہ ھو ٻئي گوڏا اُڀا ڪري زمين تي ويھي ڪري کائي رھيو ھو، مون حيرت مان ان جو سبب پُڇيو تہ يڪدم پنھنجي نڪتل پيٽ تي ھٿ ھڻي ڪري چوڻ لڳو،”ھن کي اندر ڪرڻ لاءِ“.

## ڪاڏوءِ پردي ۾ پردو

**ڪاڏي** ۾ سنّت جي مطابق ويھڻ واري اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ کي گھرجي تہ گوڏن کان وٺي پيرن تائين چادر سان چڱيءَ طرح پردي ۾ پردو ڪيو، جيڪڏھن قميص جو دامن وڏو ھجي تہ ان کي چڱي طرح ڦھلائي ڪري پردي ۾ پردو ڪري ڇڏيو، پردي ۾ پردو نہ ڪرڻ سان

سامهون وينل ماڻهن جي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن اڪين جي حفاظت تمام مشڪل ٿي ويندي آهي. اڪيلائيءَ ۾ به پردي ۾ پردو ڪرڻ گهرجي جو الله پاڪ کان حياءُ ڪرڻ جو سڀ کان وڏو حق آهي. الله پاڪ کان حياءُ ڪري رهيو آهيان اها نيّت ڪندؤ ته اِنْ شَآءَالله ان جو ڪثير ثواب ماڻيندؤ ۽ ٻين جي موجودگيءَ ۾ پردي ۾ پردو ڪرڻ وقت هيءَ نيّت به ڪري سگهجي ٿي ته مسلمانن جي لاءِ بدنگاهي جو سبب دُور ڪري رهيو آهيان. هر ڪم ۾ جيتري قدر ٿي سگهي سنيون سنيون نيتون ڪرڻ گهرجن، جيتريون سنيون نيتون گهڻيون هونديون اوترو ثواب به گهڻو ملندو، الله پاڪ جي پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظيم الشان آهي: مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(طبراني معجم ڪبير ج 6 ص 185 حديث 5942)

## ٽيبل ڪرسي تي کائڻ

اعلٰي حضرت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”جوتا پائي ڪري کائڻ جيڪڏهن مجبوري تحت هجي ته زمين تي وينو آهي ۽ فرش (يعني گِلمُ وغيره) ناهي ته پوءِ صرف هڪ **سنّت مُستَحِبّ** تي عمل نه ٿيو، ان جي لاءِ بهتر هي هو ته جوتا لاهي ڇڏي ها ۽ جيڪڏهن ٽيبل تي کاڌو (رکيل) آهي ۽ هو ڪرسيءَ تي جوتا پائي ڪري کائي ته اهو خاص نصاريٰ جو طريقو آهي، ان کان پري ڀڄي، چوته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا! مَنْ تَشَبَّهَ بِقَوْمٍ فَهُوَ مِنْهُمْ **يعني**”جيڪو ڪنهن قوم سان مشابهت پيدا ڪري اهو انهن مان ئي آهي.“

(ابوداود ج 4 ص 62 حديث 4031)

## شادي خانہ برباديءَ جا سبب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس صدڪروڙ افسوس! اَڄُڪلهہ اسان وٽ تقريبًا هر مُعاملي ۾ يهودين ۽ نصرانين جي نقل (پيروي) ڪئي ويندي آهي، شادي يقينًا مني مني سنّت آهي پر افسوس جو هن عظيم سنّت جي ادائيگيءَ ۾ بين مقدس سنّتن بلڪ ڪيترن ئي فرضن کي بہ ڇڏيو ويندو آهي! ڳائڻ وڄائڻ، فلمون، ڊراما، ورائٽي پروگرام ۽ الائي ڪهڙا ڪهڙا هل هنگاما ڪيا ويندا آهن، گهر جون عورتون خوب دهل وڄائينديون آهن، مَعاذَاللهثُمَّمَعَاذالله ناچ بہ ڪنديون آهن، آخر ڪهڙو حرام ڪم اهڙو آهي جيڪو اڄڪلهہ اسان وٽ شادين ۾ نہ تو ڪيو وڃي؟ مَعاذَالله گهوٽ شاديءَ کان پهريائين پنهنجي مڱينديءَ کي پنهنجي هٿ سان منڊي پارائيندو آهي، ڳڏوڳڏ سير ۽ تفريح بہ تيندي آهي، شادي ۾ بي حيائيءَ سان ڀرپور تقريبون منعقد تينديون آهن، عورتن ۾ غير مرد مُوويون ڀريندا آهن، ڪاڌي جي دعوت بہ نہ ٽيبل ڪرسي تي، بلڪ هاڻي تہ وڏيڪ "ترقي" ٿيڻ لڳي آهي جو ڪرسيون بہ هٽايون ويون آهن رُڳو ٽيبل تي هر قِسم جا ڪاڌا رکيا ويندا آهن ۽ ماڻهو گهمندي ڦرندي ٽيبل جي چوڌاري هلندي کائيندا پيئندا آهن، حالانڪ ائين ڪرڻ هرگز سنّت ناهي. توهان غور تہ فرمايو جو اڄ **"شادي خانہ آبادي"** ٿيندي ڪنهن جي آهي؟ شادي کان پوءِ عام طور تي هر ڪو **"خانہ بربادي"** جو شڪار نظر اچي رهيو آهي! ڪٿي ائين تہ ناهي جو شادي جهڙي پاڪيزه ۽ پياري پياري سنّت ۾ غير شرعي رسمن جي دنيا ۾ ئي سزا ڏني ٿي وڃي! جيڪڏهن الله پاڪ غضب فرمايو تہ آخرت

جي سزا ڪيتري قدر خوفناڪ هوندي !! الله پاڪ اسان کي فرنگي تهذيب ۽ فيشن کان نجات عطا فرمائي سنّتن جو آئينہ دار بڻائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سنّتن ڀري تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هردم وابستہ رهو. اِنۡ شَآءَالله برڪتون ۽ سعادتون ئي سعادتون ماڻيندؤ.

## هُو دعوت اسلاميءَ ۾ ڪيئن آيو؟

هڪ اسلامي ڀاءُ 2002ع ۾ بُري دوستن جي صحبت جي سبب غندا گينگ ۾ شامل ٿي ويو، ماڻهن کي مارڻ، ڪُٽڻ ۽ گاريون ڏيڻ اُن جو معمول هو، چاٽي واٽي جهيڙا ڪندو هو. جيڪو نئون فيشن ايندو سڀ کان پهريان هُو اختيار ڪندو هو. ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ڪپڙا تبديل ڪندو هو، سواءِ جينز (Jeans) جي ٻي پينٽ نہ پائيندو هو، آواره دوستن سان گڏ گهمي ڦري رات جي آخري حصي ۾ گهر موٽندو هو ۽ ڏينهن جو دير تائين سمهندو هو، والد صاحب جو انتقال ٿي چُڪو هو، بيواهہ ماءُ سمجهائيندي هئي تہ مَعاذَالله زبان درازي ڪندو هو، هڪ ڀيري **دعوتِ اسلاميءَ** جي ڪنهن عمامي واري اسلامي ڀاءُ ملاقات ۾ هڪ رسالو ”جنّات جو بادشاهہ“ تحفي ۾ ڏنو، اُن پڙهيو تہ سٺو لڳو، رمضان المبارڪ ۾ هڪ ڏينهن ڪنهن مسجد ۾ اُن کي وڃڻ جي سعادت ملي تہ اتفاق سان هڪ سبزسبز عمامو ۽ اڇو لباس پهريل سنجيده نوجوان تي نظر پئي، معلوم ٿيو تہ هو هِتي معتڪف آهي، ان اسلامي ڀاءُ فيضان سنّت جو درس ڏنو تہ هُو بہ ويهي رهيو، درس کان

بعد هن اُن تي تي انفرادي ڪوشش ڪندي دعوتِ اسلاميءَ جي ديني ماحول جون برڪتون ٻڌايون، اسلامي ڀاءُ جو لباس ايتري قدر سادو هو جو ڪجھ جڳهن تي چتيون لڳل هيون، جڏهن ان جي لاءِ گھران ڪاڏو آيو تہ اهو بہ بلڪل سادو هو! هيءُ سندس سادگيءَ مان بيحد متاثر ٿيو، اهو ساڻس ملاقات لاءِ ايندو ويندو رهيو، اتفاق سان عيد الفطر ڪانپوءِ ان اسلامي ڀاءُ جو نڪاح هو، هو ويچارو غريب ۽ تنگدست هو پر حيرت جي ڳالھ اها آهي جو ان هن ڳالھ جو اُن کي ٿورو بہ احساس ٿيڻ نہ ڏنو ۽ نہ ئي ڪنهن قسم جي مالي امداد جو سوال ڪيو، اهو اجان وڌيڪ متاثر ٿيو تہ مَاشَآءَاللّٰه دعوتِ اسلاميءَ جو ديني ماحول ڪيڏو پيارو آهي ۽ ان سان تعلق رکندڙ ڪيتري قدر سادا ۽ خود دار آهن. اَلحَمدُلِلّٰه دعوتِ اسلاميءَ جي محبت اُن جي دل ۾ گھر ڪندي وئي ايتري تائين جو اُن عاشقانِ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ **8** ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪيو. اُن جي دل جي دنيا بدلجي وئي، دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو ۽ اُنهن گناهن کان سچي توبھ ڪري پنهنجو پاڻ کي دعوتِ اسلاميءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو، اَلحَمدُلِلّٰه! اُن تي اهو مدني رنگ چڙهيو جو تحرير لکڻ وقت علائقائي مشاورت جي خادم (نگران) جي حيثيت سان پنهنجي علائقي ۾ دعوت اسلاميءَ جي مدني ڪمن جون ڌومون مچائي رهيو آهي.

سادگی چاہیے عاجزی چاہیے آپ کو گر چلیں قافلے میں چلو
خوب خودداریاں اور خوش اَخلاقیاں آیئے سیکھ لیں قافلے میں چلو
عاشِقانِ رسول لائے سنّت کے پھول آؤ لینے چلیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! دين جي تبليغ جي لاءِ اِستري ڪيل، پڙڪيلو لباس ۽ ڪلف لڳل خوبصورت عِمامو ئي ضروري ناهي، چتيون لڳل لباس ۽ سادي عمامي ئي سان بہ ڪم هلي ويندو آهي..... هلندو ئي ناهي ڊوڙندو آهي..... بلڪ ڊوڙندو ئي ناهي ان ڪي تہ مدني پَر لڳي ويندا آهن ۽ اهو مدينهءِ منوره ڏانهن اُڏامڻ لڳندو آهي، سادي لباس جي تہ ڇا ڳالھ ڪجي!

## سادي لباس جي فضيلت

**ڪافرن** جي پيروي ۾ فيشن ڪرڻ وارا، هر وقت نهي نُڪي رهڻ وارا، نوَان نوَان ڊزائين ۽ طرح طرح جا چمڪيلا لباس پائڻ وارا جيڪڏهن سادگي اختيار ڪن تہ بنهي جهانن ۾ ٻيڙا پار ٿي وڃن. هاڻي سادي لباس پائڻ جي فضيلت پڙهو ۽ جهومو. **تاجدارِ** مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو طاقت هوندي بہ سنا ڪپڙا پائڻ تواضُع (عاجزيءَ) جي طور تي ڇڏي ڏيندو الله پاڪ ان کي ڪرامت جو حُلّو (جنّتي لباس) پارائيندو.

(ابوداود ج 4 ص 326 حديث 4778)

## فيشن پرستو! خبردار!!

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جهومو! دولت موجود آهي، سٺو لباس پائڻ جي طاقت آهي، پوءِ بہ الله ربُّ الْعزّت جي رضا جي خاطر عاجزي اختيار ڪندي سادو لباس پائڻ وارو جنّتي لباس پائيندو ۽ ظاهر آهي جيڪو جنّتي لباس پائيندو اهو يقيني طور تي جنّت ۾ بہ ويندو، ماڻهن تي رعب وجهڻ، اميري ڏيکارڻ ۽ رڳو پنهنجي نفس جي لاءِ ماڻهن کي متاثر ڪرڻ جي خاطر ڏيکاءَ، فينسي ۽ پڙڪيلو لباس

پائڻ وارا پڙهن ۽ عبرت حاصل ڪن، حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُمَا کان روايت آهي: تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: دنيا ۾ جنهن شهرت جو لباس پاتو، قيامت جي ڏينهن الله پاڪ ان کي ذلت جو لباس پارائيندو. (ابنِ ماجه،4/163، حديث:3606)

## شهرت جو لباس ڇا کي چوندا آهن؟

حڪيم الامت حضرت مولانا مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہ هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني اهڙو لباس پائي جو ماڻهو مالدار سمجهن يا اهڙو لباس پائي جو جنهن سان ماڻهو نيڪ ۽ پرهيزگار سمجهن، اهي ٻنهي قسمن جا لباس، شهرت جا لباس آهن. مطلب ته جنهن لباس ۾ نيّت هي هجي ته ماڻهو ان جي عزت ڪن اهو ان جو شهرت وارو لباس آهي. صاحبِ مرقاة رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہ فرمايو: مسخرائپ جو لباس پائڻ جنهن سان ماڻهو کلن هي به شهرت جو لباس آهي.
(ملخص از مراة ج 6 ص 109)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي سخت امتحان آهي لباس پائڻ ۾ تمام گهڻو غور ڪرڻ ۽ ڏيکاءَ کان بچڻ جي سخت ضرورت آهي گڏوگڏ جيڪو ماڻهن کي پنهنجي سادگيءَ جو مُعْتَقِد بڻائڻ جي لاءِ سادو لباس، عمامو ۽ چادر وغيره اپنائيندو آهي اهو رياڪار ۽ جهنم جو حقدار آهي، اسان الله ڪريم کان اخلاص جي خيرات گهرون ٿا.

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو     کر اِخلاص ایسا عطا یا الٰہی
رِیاکاریوں سے سیاہ کاریوں سے     بچا یا الٰہی بچا یا الٰہی

# ٽپ ٽاپ رهڻ وارن

## لاءِ لــمــحــهءِ فــڪــريه

فيشن جي خاطر روز روز نوان لباس پائڻ وارا، تورو فيشن تبديل ٿيو يا لباس تورو پراڻو ٿيو يا ڪتان معمولي ڦاٽي پيو ته **چَتيون هڻي** ڪري ان کي پائڻ ۾ عيب محسوس ڪرڻ وارا هن روايت کي هرهر پڙهن:

**ابو اُمامہ اِيَاس بن ثَعْلَبَہ** رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو چا توهان ٻُڌو نه ٿا؟ چا توهان ٻُڌو نه ٿا؟ ته ڪپڙو جو پراڻو ٿيڻ ايمان منجهان آهي، بيشڪ ڪپڙي جو پراڻو ٿيڻ ايمان منجهان آهي. (سنن ابوداود ج 4 ص 102 حديث: 4161) **هن روايت جي** حوالي سان حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا : ”زينت کي ڇڏي ڏيڻ ايمان وارن جي اخلاق **(يعني عمده عادتن)** مان آهي.“ (اشعة اللمعات ج 3 ص 585)

## چَتِيون لڳل لباس جي فـضـيـلـت

**حضرت** عَمرو بن قيس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا، اميرالمؤمنين، حضرت مولاءِ ڪائنات عليُّ الْمرتضيٰ شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي خدمت بابرڪت ۾ عرض ڪيو ويو، توهان پنهنجي قميص ۾ چَتِيون ڇو لڳائيندا آهيو؟ فرمايائون: ان سان دل نرم رهندي آهي ۽ مومِن ان جي پيروي ڪندو آهي، (يعني مومِن جي دل نرم ٿي هئڻ گهرجي) (حلية الاولياء ج 1 ص 124 حديث 254)

## بيهي ڪري ڪاڇڻ ڪيئن آهي؟

**حضرت** سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: ”نبي ڪريم، رؤف

رّحيم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بيهي ڪري پيئڻ ۽ بيهي ڪري کائڻ کان منع فرمايو آهي. (مجمع الـزوائـد ج 5 ص 23 حديث 7921)

## بيهي ڪري کائڻ جا طبي نقصان

اٽلي جي هڪ غذائي ماهر ڊاڪٽر جو چوڻ آهي تہ ”بيهي ڪري کاڌو کائڻ سان تِري ۽ دل جون بيماريون ۽ پڻ نفسياتي بيماريون پيدا ٿينديون آهن ايتري تائين جو ڪڏهن ڪڏهن انسان اهڙو چريو ٿي ويندو آهي جو پنهنجن کي بہ سڃاڻي ناهي سگهندو.“

## ساڄي هٿ سان کائو پيئو

ساڄي هٿ سان کائڻ پيئڻ سنّت آهي، حضرت عبدالله ابن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْھُمَا فرمائن ٿا تہ الله پاڪ جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جڏهن ڪو کاڌو کائي تہ ساڄي هٿ سان کائي ۽ پاڻي پيئي تہ ساڄي هٿ سان پيئي.“ (مسلم ص 1117 حديث: 2174)

## شيطان جو طريقو..

**حضرت عبدالله** ابن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْھُمَا فرمائن ٿا تہ سرڪارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”ڪو شخص نہ کاٻي هٿ سان کاڌو کائي نہ پيئي جو کاٻي هٿ سان کائڻ پيئڻ شيطان جو طريقو آهي. (مسلم،ص1117،حديث:2174)

## ساڄي هٿ سان ئي ڏيو ۽ وٺو

**حضرت** سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه، قرارِ قلب وسينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”توهان مان هر هڪ ساڄي هٿ سان کائي ۽ ساڄي هٿ سان پيئي ۽ ساڄي هٿ سان وٺي ۽ ساڄي هٿ سان ڏئي،

چو تہ شيطان کاٻي هٿ سان کائيندو، کاٻي هٿ سان پيئندو، کاٻي هٿ سان ڏيندو، ۽ کاٻي هٿ سان وٺندو آهي.“ (سنن ابن ماجه شريف ج 4 ص 12 حديث 3266)

## هر ڪم ۾ ڪاٻو هٿ ڇو؟

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! افسوس! اڄڪلهہ اسان دنيا جي چڪرن ۾ ايتري قدر ڦاسي چُڪا آهيون جو محبوب باري صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيارين پيارين سنّتن ڏانهن اسان جي توجهہ ئي نہ ٿي رهي ياد رکو! حديثِ مبارڪ ۾ آهي تہ انسان جي رَڳن ۾ شيطان رت سان گڏ ترندو آهي. (صحيح مسلم ص 1197 حديث 2174) ظاهر آهي تہ هو اسان کي سنّتن ڏانهن ڪٿي وڃڻ ڏيندو؟ جيتوڻيڪ اسان ساڄي هٿ سان ئي ڪاڌو ڪائيندا آهيون پر پوءِ بہ کاٻي هٿ سان ڪجهہ داڻا ڦڪي ئي وٺندا آهيون، کائڻ وقت جيئن تہ ساڄو هٿ پريل هوندو آهي تنهنڪري پاڻي کاٻي هٿ سان ئي پي وٺندا آهيون چانهہ پيئڻ وقت ڪوپ ساڄي هٿ ۾ ۽ ساسر کاٻي هٿ ۾ ڪٽي چانهہ پيئندا آهيون، ڪنهن کي پاڻي پيارڻ وقت جڳ ساڄي هٿ ۾ هوندو آهي جڏهن تہ گلاس کاٻي هٿ ۾ ۽ کاٻي هٿ سان گلاس ٻين کي ڏيندا آهيون، **”حياتِ مُحَدّثِ اعظم“** ص 374 تي آهي، مُحَدّثِ اعظم پاڪستان حضرت مولانا محمّد سردار احمد قادري چشتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: وٺڻ ۽ ڏيڻ ۾ ساڄي هٿ کي استعمال ڪريو، اها عادت اهڙي پڪي ٿي وڃي جو سياڻي قيامت ۾ اعمالنامو پيش ٿئي تہ انهيءَ عادت مطابق ساڄو هٿ اڳتي وڌي، تڏهن تہ ڪم بڻجي ويندو.

## تنهنجو ساڄو هٿ ڪڏهن نہ کڄي!

حضرت سيّدنا سلمہ بن اَڪوَع رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان مروي آهي تہ هڪ شخص

الله پاڪ جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون ڪابي هٿ سان ڪاڌو ڪائي رهيو هو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو، ”**ساڄي هٿ سان ڪائو**“ ان چيو مان ساڄي هٿ سان نہ ٿو ڪائي سگهان (غيب ڄاڻڻ وارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سمجهي ويا تہ هي تڪبر سان چئي رهيو آهي پوءِ) پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”**لَااسْتَطَعْتَ** يعني توکي استطاعت نہ ٿئي!“ (مطلب هي تہ تنهنجو ساڄو هٿ ڪڏهن نہ کڄي) ان تڪبّر جي سبب ساڄي هٿ سان ڪاڌو ڪائڻ کان انڪار ڪيو هو تنهنڪري ان جو ساڄو هٿ ڪڏهن وات ڏانهن نہ کڄي سگهيو. (يعني ان جو ساڄو هٿ بيڪار ٿي ويو). (مسلم، ص1118، حديث:2021)

وہ زَباں جس کو سب کُن کی کُنجی کہیں  اُس کی نافذ حکومت پہ لاکھوں سلام

## تنهنجو چهرو بگڙي وڃي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زبانِ صداقت نشان جو هي شان آهي تہ جيڪو فرمائيندا هئا اهو ٿي ويندو هو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو رتبو تہ تمام عظيم آهي، غلامن جو حال بہ ڏسو، جيئن تہ هڪ عورت مشهور صحابي حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللہُ عَنْهُ کي جهاتيون پائي ڏسندي هئي، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْهُ ڪيترائي ڀيرا ڪيس منع ڪيو پر هوءَ نہ مُڙي، هڪ ڏينهن ان جڏهن معمول مطابق جهاتي پائي ڏٺو تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْهُ جي زبان مبارڪ مان هي لفظ نڪتا، ”**شَاهَ وَجهُكِ**“ يعني (تنهنجو چهرو بگڙي وڃي) پوءِ انهيءَ وقت ان جو چهرو ڪياڙي ڏانهن ڦري ويو. (جامع ڪرامات اولياء ج 1 ص 112)

محفوظ شہا رکھنا سدا بے ادبوں سے  اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے اَدَبی ہو

حضرتِ سيّدُنا سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي زبانِ قبوليّت نشان جي اها تاثير دراصل مهرِ مُنير، محبوبِ ربِ قدير صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دعا جو نتيجو هو، جيئن ته جامع ترمذي وغيره ۾ آهي: پياري پياري مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ربُّ العلیٰ جي بارگاهِ ۾ دعا گهري ته :اَللّٰھُمَّ اسْتَجِبْ سَعْدًا اِذَا دَعَاكَ يعني "يـــا الله پاڪ! جڏهن به سعد تو کان دعا گهري ته تون قبول فرمائيندو ڪر" (ترمذي شريف ج 5 ص 418 حديث 3772) محدّثينِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰه فرمائن ٿا: "حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جڏهن به دعا ڪندا هئا ته قبول ٿي ويندي هئي". (جامع ڪرامات اولياء ج 1 ص 139)

اِجابَت کا سہرا عنایت کا جوڑا　　دلہن بن کے نکلی دعائے محمد

اِجابَت نے جُھک کر گلے سے لگایا　　بڑھی ناز سے جب دعائے محمد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو به وڏو شان آهي، صحابه جا غلام يعني اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰه به وڏين عظمتن جا مالڪ هوندا آهن، جيئن ته

## يـــا الله! صـــــبـــاحيءَ کي انڌو ڪري ڇڏ

زبردست عالم ۽ مُحدث حضرت عبدالله بن وَهْب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ لک حديثن جا حافظ هئا، مصر جي حڪمران عُبّاد بن محمد کين قاضي بڻائڻ چاهيو ته قاضي جي عهدي کان بچڻ جي لاءِ ڪٿي روپوش ٿي ويا، هڪ حاسد "صباحيءَ" ڪوڙي چُغلي هڻندي حاڪم کي چيو ته عبدالله بن وَهْب پاڻ مون سان قاضي بڻجڻ جي رغبت ظاهر ڪئي هئي پر هاڻي توهان جي جاڙي واڙي نافرماني ڪندي غائب ٿي ويا آهن."حاڪم ڪاوڙ ۾ اچي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي گهر مبارڪ کي ڍهرائي

چڏيو، حضرت عبـــدالله بـن وَهْـب رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہ جـلال ۾ اچـي ڪـري ربّ ذوالجـلال جـي بارگاهـ ۾ عـرض ڪيـو، ياالٰهي ”صـباحيءَ“ ڪـي انـدو ڪـري چڏ، جيئن تـہ انين ڏينهـن اهـو”صـباحي“ انـدو ٿـي ويـو، حضـرت عبدالله بن وَهْب رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہ تي خوفِ خدا جو غلبو رهندو هو، هـڪ ڀيـري قيامت جو ذڪر ٻُڌي ڪري پاڻ تي دهشت طاري ٿي وئي ۽ بيهوش ٿي ويا، هوش ۾ اچڻ کان پوءِ صرف ڪجهـ ڏينهن زندهـ رهيا ۽ ان دوران ڪجهـ بہ نہ ڳالهايائون، **197**ھ ۾ وفات ڪـري ويا. (تذكرۃُ الحفّاظ ج 1 ص 223)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.

اَولیاء کا جو کوئی ہو بے اَدب نازل اُس پہ ہوتا ہے قہر و غضب

ياربّ مصطفيٰ! صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان کي پياري حبيب شاهِ خيرالانام صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم، صحابهءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ عِظام رَحِمَہُمُ اللّٰہ جو سچو ادب نصيب فرماءِ ۽ انهن جي بي ادبي ۽ انهن جي بي ادبن جي شرّ کان سدائين محفوظ رک ۽ پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو سچو ديوانو بڻاءِ.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

یارب میں ترے خوف سے روتا رہوں ہر دم
دیوانہ شہنشاہِ مدینہ کا بنا دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## صاحب مزار جي انفرادي ڪوشش

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله ! دعـوت اسلامي جي ديني ماحول

۾ بزرگن جو تمام گهڻو ادب ڪيو ويندو آهي، بلڪ سچي ڳالھ هي آهي تہ الله ربُّ العِزَّت جي عنايت سان دعوتِ اسلامي فيضانِ اولياءَ جي ئي سبب هلي رهي آهي. جيئن تہ عاشقانِ رسول جو هڪ مدني قافلو سنّتن جون بهارون ڦهلائيندو هڪ جڳهہ ”انوار شريف“ پهتو، اتان ڪان هتو هٿ چار اسلامي ڀائر تن ڏينهن جي لاءِ مدني قافلي ۾ سفر لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ شريڪ ٿيا، انهن چئني مان ”انوار شريف“ جي صاحبِ مزار بزرگ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جي خاندان جو هڪ فرزند بہ هيو، مدني قافلو نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائيندي هڪ ٻئي علائقي ۾ پهتو. جڏهن انوار شريف وارن جا ٽي ڏينهن مڪمل ٿي ويا تہ صاحبِ مزار رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جي مائٽ چيو: مان تہ واپس ڪونہ ويندس ڇو تہ اڄ رات مون پنهنجي ”حضرت“ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه کي خواب ۾ ڏٺو، فرمائي رهيا هئا ”پٽ! موٽي گهر نہ وڃجانءِ“ مدني قافلي وارن سان گڏ وڌيڪ اڳتي سفر جاري رکجانءِ، صاحبِ مزار رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جي انفرادي ڪوشش جو هي واقعو ٻُڌي مدني قافلي ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي، سيني جي حوصلي کي مديني جا 12 چنڊ لڳي ويا ۽ انوار شريف کان آيل چار ئي اسلامي ڀائر هتو هٿ مدني قافلي ۾ وڌيڪ اڳتي سفر جي لاءِ هلڻ لڳا.

ديتے ہيں فيضِ عام اَولياۓ كرام لوٹنے سب چليں قافلے ميں چلو
اوليا كا كرم تم پہ ہو لاجَرَم مل كے سب چل پڑيں قافلے ميں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# خواب جي ذريعي گهوڙيءَ جو تحفو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪنهن وليُّ الله جو وفات ڪانپوءِ خواب ۾ رهنمائي ڪرڻ ڪا تعجب جي ڳالهه ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها، ربُّ العُليٰ جي عطا سان گهڻو ڪجهه ڪري سگهن ٿا، جيئن ته خواجه امير خرد ڪِرماني رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: سلطان المشائخ حضرت محبوب الٰهي نظامُ الدّين اولياء رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا ته غِياث پور جي قيام کان پهريان مان هڪ ڪوهه (يعني تقريبًا ٽي ڪلو ميٽر پري) **ڪيلوکري** جي مسجد ۾ جمعي نماز پڙهڻ ويندو هئس، هڪ ڀيري اهڙي طرح جمعي نماز جي لاءِ پيادل وڃي رهيو هئس، گرم هوائون هلي رهيون ۽ مان روزي سان هئس مون کي چڪر اچڻ لڳا ۽ مان هڪ دڪان تي ويهي رهيس منهنجي دل ۾ خيال آيو جيڪڏهن مون وٽ سواري هجي ها ته سهولت ٿئي ها، بعد ۾ شيخ سعدي جو هي شعر منهنجي زبان تي آيو.

مَا قَدَمْ اَزسَرْ کُنِيْمْ دَرْ طَلَبِ دوْسْتَاں
رَاهْ بَجَاۓ بُرْدْ هَر کہ بَاَقْدَامْ رَفْتْ

(**ترجمو**: اسان دوستن جي طلب ۾ مٿي کي پير ٻڻائي هلندا آهيون، ڇو ته جيڪو هن راهه ۾ پيرن سان هلندو آهي اهو اڳتي ناهي وڌي سگهندو)

مون دل ۾ ايندڙ سواري جي خيال کان توبهه ڪئي، ان واقعي کي ٽي ڏينهن گذريا هئا ته ”خليفي مَلِڪ يار پران“ منهنجي لاءِ هڪ گهوڙي وٺي آيو ۽ چوڻ لڳو: مان مسلسل ٽن راتين کان خواب ۾ ڏسي رهيو آهيان ته منهنجا شيخ (يعني مرشد) مون کي فرمائي رهيا

آهن: ”فلاڻي شخص کي گهوڙي ڏئي اچو.“ تنهنکري گهوڙي حاضر آهي قبول فرمايو. مون چيو: بيشڪ توهان جي شيخ توهان کي فرمايو هوندو پر جيستائين منهنجا شيخ مون کي نہ فرمائيندا، مان هيءَ گهوڙي نہ وٺندس انهيءَ رات مون خواب ۾ ڏٺو تہ منهنجا پير و مرشد حضرت شيخ فريد الدين گنج شکر رَحْمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيْه مون کي فرمائن ٿا تہ مَلِڪ ياربران جي دلجوئي جي لاءِ اها گهوڙي قبول ڪري وٺو، ٻئي ڏينهن هو گهوڙي وٺي آيو تہ مون ان کي خداوندي عطيو سمجهندي قبول ڪري ورتو. (سِيَرُ الاولياء ص 246)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رڳو پنهنجي پاسي کان کائو

**هڪ ٿانوَ** ۾ جڏهن هڪ ئي قسم جو کاڌو هجي تہ پنهنجي پاسي کان کائڻ سنّت آهي، جيئن حضرت سيّدُنا عمر بن ابي سَلمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مان ٻار هئس ۽ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پرورش ۾ هئس ( هي اُمُّ الْمومنين سيّدتنا ام سلمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جا اهي فرزند هئا جيڪي سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نڪاح ۾ اچڻ کان پهريان اڳئين مڙس مان هئا.) کائڻ وقت ٿانوَ ۾ هر طرف هٿ هڻان پيو. تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”بِسْمِ الله پڙهو ۽ ساڄي هٿ سان کائو ۽ ٿانوَ جي ان پاسي کان کائو جيڪو توهان جي ويجهو آهي“. (صحيح بخاري ج 3 ص 521 حديث 5376)

## وچ مان نہ کائو

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ رسولِ عظيم، نبي ڪريم رؤف رَّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”بيشڪ برڪت

ڪاڌي جي وچ واري حصي ۾لهندي آهي تنهنڪري توهان ڪنارن کان ڪاڌو کائو ۽ وچ مان نہ کائو. (ترمذي شريف ج3 ص 316 حديث 1812)

## توهان ڪٿي وچ مان تہ ڪاڌو نہ کائيندا آهيو!

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو تہ هن سنّت تي توهان عمل ڪندا آهيو يا نہ؟ منهنجو اڪثر مشاهدو آهي تہ باعمل نظر اچڻ وارن جي بہ اڪثريت هن سنّت تي عمل ڪرڻ کان محروم آهي، جنهن کي ڏسو اهو ڪاڌي جي پليٽ يا پاڇيءَ جي ٿانوَ وغيره جي وچ مان ئي شروع ڪندو آهي الائي چو؟ ڪٿي ائين تہ ناهي جو برڪت کان محروم ڪرڻ لاءِ شيطان هٿ پڪڙي ڪري وچ ۾ وجهي ڇڏيندو هجي! حقيقت اها ئي آهي تہ شيطان هن ڳالهہ جي ڪوشش ۾ لڳل هوندو آهي تہ مسلمان ڀلائين کان محروم رهن. حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”ڪاڌي جي ٿانوَ جي وچ ۾ الله پاڪ جي رحمت نازل ٿيندي آهي، وچ مان کائڻ حرص جي نشاني آهي. حريص رحمتِ الٰهي کان محروم آهي.“ هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿئي ٿو تہ مسلمانن جي کائڻ مهل بہ الله پاڪ جي رحمت جو نُزول ٿيندو آهي، خاص ڪري جڏهن سنّت جي نِيَّت سان ڪاڌو وجي. (مرأة المناجيح، ج 6 ص 33، 34)

## ٻين کي شرمندگي کان بچايو

حضرت عبدالله ابن عمر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمَا کان روايت آهي تہ نبين جي سلطان، رَحۡمتِ عالميان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان

آهي ”جڏهن دسترخوان وڇائجي ته هر شخص پنهنجي پاسي کان کائي ۽ پاڻ سان گڏ کائڻ وارن جي پاسي کان نه کائي ۽ ٿالهيءَ جي وچ مان نه کائي ڇو ته برڪت انهيءَ طرف کان ئي ايندي آهي ۽ ڪو به دسترخوان ڪڻڻ کان اڳ ۾ نه اٿي ۽ نه ئي پنهنجو هٿ روڪي جيستائين سڀ ماڻهو پنهنجو هٿ نه روڪين، جيتوڻيڪ ڍؤ ڪري چُڪو هجي ۽ ماڻهن سان گڏ کائيندو رهي ڇو ته ان جو رڪجي وڃڻ باقي ماڻهن جي شرمندگيءَ جو ڪارڻ بڻبو ۽ اهي پنهنجو هٿ روڪي ڇڏيندا جڏهن ته ٿي سگهي ٿو انهن کي اڃان به کاڌي جي طلب هجي.“ (شعب الايمان ج 5 ص 83 حديث 5864)

## وچ ۾ برڪت جي وضاحت

حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا، ٿانوَ جي ڪنارن وٽان پنهنجي پنهنجي پاسي کان کائو، وچ مان نه کائو جو ٿانوَ جي وچ ۾ برڪت لهندي آهي، اتان کان ڪنارن تائين پهچندي آهي، جيڪڏهن توهان وچ مان کائڻ شروع ڪري ڏنو ته ڪٿي ائين نه ٿئي جو اتي برڪت اچڻ بند ٿي وڃي، مطلب ته برڪت لهڻ جي جڳهه ٻي آهي ۽ برڪت ونڻ جي جڳهه اڃان ٻي. (مرآة ج 6 ص 63)

## ڪاڌي جون پنج سنتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! پيش ڪيل حديثِ مبارڪ ۾ ڪاڌي جون پنج سنّتون بيان ڪيون ويون آهن.﴿1﴾ پنهنجي پاسي کان کائجي. ﴿2﴾ ڪو گڏ کائي رهيو هجي ته ان جي اڳيان کان نه کائجي ﴿3﴾ ٿالهيءَ جي وچ مان نه کائجي ﴿4﴾ پهريان دسترخوان ڪنيو وڃي ان کان بعد کائڻ وارا اٿن. (افسوس! اڄڪلهه عمومًا اُبتو انداز آهي يعني

پهريان ڪائڻ وارا اٽندا آهن ان کان پوءِ دسترخوان ڪنيو ويندو آهي) ﴿5﴾ ٻيا ٻه ڪاڏي ۾ شامل هجن ته ان وقت تائين هٿ نه روڪي جيستائين سيئي فارغ نه ٿي وڃن، افسوس! جو ڪاڏي جي بيان ڪيل انهن سنّتن تي عمل ڪرڻ وارا هاڻي نظر ئي نه ٿا اچن، سنّتون سکڻ ۽ عوام الناس جي موجودگيءَ ۾ سنّتن تي عمل جي هٻڪ ختم ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلاميءَ جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر ڪريو ۽ اتي انهن سنّتن جي باقاعده مشق ڪريو، اِنْ شَآءَالله مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان سنّتن تي عمل ڪرڻ تمام آسان ٿي ويندو.

## پـــوائـــتن خـــوابن کان ڇوٽــڪـارو

مدني قافلن جي برڪتن جي ته ڇا ڳالهه ڪجي! هڪ اسلامي ڀاءُ بيان ڪي پوائتا (ڊيڄاريندڙ) **خواب** ايندا هئا، اُن عاشقانِ رسول سان گڏ دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي 30 ڏينهن جي مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي، اَلحَمدُلله مدني قافلي جي برڪت سان **پوائتا خواب** اچڻ بند ٿي ويا، اُن کي خواب ۾ مني مديني جي زيارت ٿئي ۽ هاڻي خواب ۾ ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي نماز ۾ مشغول ڏسندو آهيان ته ڪڏهن تلاوت ۾.

خواب میں ڈر لگے بوجھ دل پر لگے خوب جلوے ملیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! يَامُتَكَبِّرُ 21 ڀيرا اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف سمهڻ وقت پڙهي ڇڏيندؤ ته اِنْ شَآءَالله پوائتا خواب نه ايندا**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ تيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net